# فهرست


1- نسل وڌائڻ جي اهميت 1
2- نسل وڌائڻ جا رهنما اصول 2
3- ريڪارڊ ڪيپنگ رکڻ 10
4- جانورن جو اهم ڪپڻ جون پيچيدگيون 12
5- نسل وڌائڻ جي لاءِ خوراڪ جي اهميت 16
6- غير منافع بخش جانورن جو نيڪال 17
7- نسل وڌائڻ جو خلاصو 19

# مهاڳ

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومتن جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد توسيعي سکيا جي ذريعي ننڍي ڊيري فارمرز جي جانورن ۾ کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمر کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي جانورن جي بهتر سار سنڀال جي بنيادي اصولن جي مڪمل آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور جي سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي. جنهن سان پاڪستان جي ڳوٺن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن تربيتي ڪتاب جي انفراديت هي آهي ته هن ۾ موجود سڀي معلومات متعلقه ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهي جيڪو ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي پهرين فيز جي دوران حاصل ٿيون. هن تربيتي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز پر وليج ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن تربيتي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا شڪرگذار آهيون.

ڊيري ٽيم

## نسل وڌائڻ جي اهميت

نسل وڌائڻ جي بنيادي ڪمن تي مڪمل مهارت ڊيري فارمرز جي معاشي خوشحالي جي ضمانت آهي پر بدقسمتي سان اسان جي ملڪ ۾ منظم تربيتي خدمتن جي مڪمل کوٽ ۽ ڊيري فارمرز جو توجهه نه ڏيڻ، نسل وڌائڻ جي گهربل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ اهم رڪاوٽ آهن .

انهن ڪمن ۾ جانورن جو دير سان بلوغت ۾ اچڻ، وهر جي علامتن جو ظاهر نه ٿيڻ، جانورن جو ٽنبجڻ، پيدائش جي گهٽي عرصي تائين جانور جو وهر ۾ نه اچڻ، ٻن ڦرن جي پيدائش جي وچ وارو وڏو عرصو ۽ موسمي دٻاءُ قابلِ ذڪر آهن . انهن مسئلن جي موثر منصوبابندي ۽ هن تربيتي ڪتاب ۾ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪري جانورن مان هر سال ڦر حاصل ڪرڻ کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو .



# نسل وڌائڻ جا رهنما اصول

## جلد بلوغت جو حاصل ڪرڻ

جانورن ۾ جلد بلوغت حاصل ڪرڻ ڪامياب ڊيري فارمنگ جي پهرين ڪڙي آهي . جانورن جو بلوغت جي عمر تائين پهچڻ جي مرحلي ۾ عمر جي نسبت جسماني وزن گهڻو اهميت جا حامل هوندا آهن . مختلف تحقيقن سان هي ڳالهه ظاهر ٿي آهي ته جڏهن ڪو به جانور پنهنجي نسل جي وڏي جانور جي وزن جو سٺ سيڪڙو تائين ڪري وٺي ته هو بلوغت جي عمر تائين پهچي وڃي ٿو . اسان وٽ عام طور تي جانور خوراڪ جي ڪمي ۽ مناسب سارسنڀال نه هئڻ جي ڪري دير سان بلوغت جي عمر تائين پهچن ٿا خصوصن ٽياڻ ته ٽي کان چار سالن ۾ بالغ ٿئي ٿي جيڪو ڊيري فارمرز جي معاشي نقصان جو سبب آهي .



بهتر سارسنڀال ۽ متوازن خوراڪ جي استعمال سان
بلوغت جي عمر کي هڪ سال تائين گهٽائي سگهجي ٿو

## ڪامياب نسل وڌائڻ جا گهربل مقصد

| | گهربل مقصد | مينهن | ڳئون |
|---|---|---|---|
| 1 | بلوغت جي عمر | 24 کان 30 مهينا | 18 کان 22 مهينا |
| 2 | پهرين ڦر جي عمر | 36 کان 40 مهينا | 28 کان 30 مهينا |
| 3 | پيدائش کان پوءِ حمل سان ٿيڻ جو عرصو | 60 کان 90 ڏينهن | 40 کان 60 ڏينهن |
| 4 | ٻن ڦرن جي پئدائش جي وچ وارو وقفو | 15 مهينا | 12 مهينا |



## وهر جي سڃاڻپ

نسل وڌائڻ ۾ ناڪامي جو هڪ اهم سبب وهر جي بر وقت سڃاڻپ نه هجڻ آهي . وهر جي سڃاڻپ جا مسئلا ڳئن جي نسبت مينهن ۾ گهڻو ملن ٿا ڇو ته مينهن ۾ وهر جي وقت جوش وخروش ۽ ٻين مينهن تي چڙهڻ جو رجحان گهٽ ملي ٿو . خاص ڪري مينهن ۾ رات جي وقت وهر جون گهڻيون شاهديون ملن ٿيون تنهنڪري اهڙي منصوبابندي ڪرڻ گهرجي جنهن سان باقائدگي سان صبح شام وهر جي سڃاڻپ ڪري سگهجي .

اسان وٽ روائتي طور تي جانور کي ٻڌي رکڻ جي رواج وهر جي سڃاڻپ کي وڌيڪ ڏکيو ڪري وڌو آهي تنهنڪري جانورن ۾ وهر جي بروقت سڃاڻپ جي لاءِ انهن کي واڙي ۾ کليل ڇڏڻ انتهائي ضروري آهي . انهي ڳالهه جو به خيال رکو ته وهر جي سڃاڻپ انهي وقت نه ڪئي وڃي جڏهن واڙي ۾ معمول جون سرگرميون مثال طور صفائي ڪرڻ، گاهه ڏيڻ ۽ کير جي ڏوهائي ٿيندي هجي .

اهڙا ڊيري فارمرز جن وٽ جانورن جي تعداد گهڻي هجي ته انهن جي لاءِ ڪسِي ڪيل نر (ٽيزر ٻل) وهر جي سڃاڻپ ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿِي سگهي ٿو . انهي ڳالهه جو به خيال رکڻ گهرجي ته ڪسِي ڪيل نر هر وقت مادي جانورن ۾ کليل نه ڦرندو رهي پر وهر ۾ آهيل جانورن جي شناخت جي لاءِ روزانو صبح 6 بجي ۽ شام 6 بجي انهي کي مادي جانورن وٽ ڪجهه دير لاءِ ڇڏيو وڃي .

## باقائدگي سان صبح ۽ شام وهرهي سجاڻپ ڪريو






## وهرجي علامت

- مادي جانور بي آرامي ۽ بيچيني جي ڪيفيت جو مظاهرو ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪاڻ پيئڻ گهٽائي ڇڏين ٿيون پر وقفي وقفي سان ٿورو گهڻو گاهه کائيندين رهن ٿيون
- کير گهٽ ٿيڻ، وري وري پيشاب ڪرڻ ۽ وات مان آواز ڪڍڻ وهرجون واضح علامتون آهن
- وهر ۾ آيل جانورن جي پيشاب ڪرڻ جي جڳهه سڄي وڃڻ سان گڏوگڏ شفاف ۽ ليس دار رطوبت خارج ٿيندي آهي
- وهر ۾ آيل مادي جانور ٻين جانورن کي پنهنجي مٿان چڙهڻ ڏيندين آهن





## نسل ڪشي جو مناسب ترين وقت

جانورن ۾ وهرجي سڃاڻپ ڪانپوءِ ٻيو اهم ترين مرحلو بروقت نسل ڪشي ڪرائڻ آهي . انهي رهنما اصول کي هميشہ ياد رکو تہ جانورن ۾ هٿرادو نسلِ ڪشي وهرجون ابتدائي علامتون ظاهر ٿيڻ جي 24 ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪرائڻ

گھرجي اگر مقرر وقت کان پھرين يا پوءِ هٽرادو نسل ڪشي ڪرائي وڃي ته حمل سان ٿيڻ جو ريشو گھٽجي حد تائين گھٽ ٿي وڃي ٿي. اسان وٽ هٽرادو نسل ڪشي جي مناسب وقت کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ ٽيڪنيشن جي موجودگي جي وقت کي ئي مناسب ترين وقت سمجھيو وڃي ٿو. تنهنڪري انهي ڳالھ کي ذهن نشين ڪرڻ گھرجي ته هٽرادو نسل ڪشي جي مناسب ترين وقت جو اندازو ڊيري فارمرز کي پاڻ ڪرڻ گھرجي نه ڪي ٽيڪنيشن جو محتاج هجي.

ننڍا ڊيري فامرز صرف نسل ڪشي جي لاءِ سانھ پالڻ جي سگھه نٿا رکي سگھن خاص ڪري اعليٰ نسل جو سانھ حاصل ڪرڻ به مشڪل مرحلي کان گھٽ نه آهي. انهي مجبوري جي پيشِ نظر ڊيري فارمر حضرات پنهنجي جانورن جي نسل ڪشي ڪنهن به موجود سانھ سان ڪرائي ڇڏين ٿا جنھ سان جانور ڪپڻ ۾ ته اچي ويندو آهي مگر اعليٰ نسل حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي.

هٽرادو نسل ڪشي سان جانورن ۾ اعليٰ نسل کي حاصل ڪرڻ کي سٺي نموني سان ممڪن بڻائي سگھجي ٿو. اگر قدرتي نسل ڪشي ڪرائڻي هجي ته هميشه اعليٰ نسل جي سانھ جو انتخاب ڪريو جنهن جا والدين ۽ ڦر بهتر پيداوار جي ريڪارڊ جا مالڪ هجن. سانھ جي استعمال سان مادي جانورن ۾ وهر جي سڃاڻپ ۽ نسل ڪشي جي وقت جو اندازو ڪرڻ جي ضرورت نه ٿيندي ۽ نتيجن ڏڪپڻ جي شرح ۾ خاطرخواه اضافو ڪري سگھجي ٿو.



هٽرادو نسل ڪشي وهر جون ابتدائي علامتون ظاهر ٿيڻ جي 24 ڪلاڪن کانپوءِ ڪرايو



## شروعاتي حمل جي سڃاڻپ

جانورن ۾ نسل ڪشي جو اڳيون اهم ترين مرحلو شروعاتي حمل جي سڃاڻپ آهي. اهڙا جانورن جن جي نسل ڪشي ڪرائي وئي هجي مگر اهي ڪپڻ ۾ نه آيا هجن انهن جي سڃاڻپ ڪرڻ تمام ضروري آهي ته جيئن جلد از جلد انهن جي ٻيهر نسل ڪشي ڪرائي سگھجي. عام طور تي اسان جا ڊيري فارمرز جانورن جي نسل ڪشي ڪرائڻ کانپوءِ پنهنجي پاڻ کي آجو سمجھن ٿا ۽ صرف ذاتي تسلي جي لاءِ جانورن جي جسماني ڪيفيت سان ئي انهن جي حاملا ٿيڻ جو اندازو لڳائي ڇڏين ٿا پر حقيقت انهي وقت ظاهر ٿئي ٿي جڏهن ڪئي مهينا گذرڻ بعد انهن کي اهو خبر پئي ٿي ته جانور حاملا نه آهي ۽ ايترو عرصو انهن تي ٿيڻ وارو تمام خرچو معاشي نقصان جو سبب هو. تنهنڪري انهي ڳالھ کي ذهن نشين ڪرڻ گھرجي ته نسل ڪشي جي 60 ڏينهن بعد ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر کان شروعاتي حمل جي سڃاڻپ ضرور ڪرايو. تاهم نئين ٽيڪنالاجي جيئن الٽراسائونڊ جي استعمال سان حمل جي سڃاڻپ 25 کان 30 ڏينهن جي اندر به ممڪن آهي.



نسل ڪشي جي 60 ڏينهن بعد ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر کان شروعاتي حمل جي سڃاڻپ ضرور ڪرايو

## باظابط ڪنٽرول بريڊنگ

شروعاتي حمل جي سجاڻپ جانورن جي غير حامله هئڻ جي صورت ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر جي هدايت جي مطابق فوري طور تي باظابط ڪنٽرول بريڊنگ جي مناسب ترين حڪمت عملي جو انتخاب ڪريو. باظابط ڪنٽرول بريڊنگ نسل ڪشي جو هڪ جديد طريقو آهي جنهن جي ذريعي اسان جنهن موسم ۾ چاهيون جانورن جي نسل ڪشي ڪرائي هر سال ڦر جي پئدائش کي ممڪن بڻائي سگهون ٿا ۽ ٻن ڦرن جي وچ واري پئدائش جي وقفي کي به گهٽ ڪري سگهجي ٿو.

## هدايتون

باظابط ڪنٽرول بريڊنگ جا ڀرپور نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل سفارشن تي عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي :

- جانورن ۾ ڦرن جي پيدائش جي 60 کان 90 ڏينهن بعد وهرجون علامتون ظاهر نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڪنٽرول بريڊنگ ڪرايو
- باظابط ڪنٽرول بريڊنگ جي مطلوبه نتيجا حاصل ڪرڻ جو دارومدار جانورن جي متوازن خوراڪ، بهتر سارسنڀال ۽ اعليٰ صحت تي مشتمل آهي









## باظابط ڪنٽرول بريڊنگ جا مختلف طريقيڪار















- باظابط ڪنٽرول بريڊنگ جي بهتر طريقي جو انتخاب ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر جي هدايت جي مطابق ڪريو ۽ منتخب شده طريقي تي مڪمل ذميداري سان عمل ڪريو
- باظابط ڪنٽرول بريڊنگ ۾ استعمال ٿيڻ وارا هارمونز متعلقه ذريعن کان حاصل ڪريو ۽ وقت معياد (مدي) جو ضرور خيال رکو
- سيمين (ٻج) هميشه متعلقه ذريعن کان حاصل ڪريو ۽ هٿرادو نسل ڪشي جي لاءِ تجربيڪار ٽيڪنيشن جو انتخاب ڪريو

# ريڪارڊ ڪيپنگ رکڻ

## اهميت

ريڪارڊ ڪيپنگ رکڻ ڪنهن به ڊيري فارمرز جي نفع ۽ نقصان کي جانچڻ جو هڪ اهم ترين ذريعو آهي. اسان وٽ گهڻو ڪري ڊيري فارمرز انهي جي اهميت کان بي خبر آهن يا وري انهي کي نظرانداز ڪن ٿا. ريڪارڊ ڪيپنگ رکڻ سان هڪ ڊيري فارمر کي پنهنجي ڪاروبار ۽ جانورن جي اصل قدر و قيمت جو اندازو ٿي سگهي ٿو. فائديمند ڊيري فارمنگ جي لاءِ کير جي پيداوار، خوراڪ، علاج معالجو، جانورن جي خريد و فروخت ۽ نسل وڌائڻ جو ريڪارڊ رکڻ تمام ضروري آهي.

نسل وڌائڻ جي گهربل سڃني ڪمن جي ريڪارڊ ڪيپنگ رکڻ سان اهڙن جانورن جي با آساني نشاندهي ڪري سگهجي ٿي جيڪي وهر (حمل) ۾ نه ٿا اچن جن جي حمل سان ٿيڻ جو ريشو بيماري يا ڪنهن ٻي وجهه جي ڪري گهٽ يا نه هئڻ جي برابر هجي. اهڙن جانورن جي واڙي مان نيڪالي ضروري آهي ته جيئن غير پيداواري خرچا گهٽ ڪري منافع جي سيڪڙي کي بهتر بڻائي سگهجي. ريڪارڊ ڪيپنگ جي نظام جي لاءِ هيٺين ڪمن جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي:

- ريڪارڊ ڪيپنگ جي لاءِ جانورن جي سڃاڻپ (Ear Tag, Branding) جو نظام تشڪيل ڏيو



- هر جانور جو وهر ۾ اچڻ، نسل ڪشي ۽ ڦر ڏيڻ جي تاريخ جي داخلا تمام ضروري آهي
- ڪنهن به بيماري، ٽبنجڻ ۽ جانور جو بار بار وهر ۾ اچڻ وغيره جي داخلا به ضروري آهي
- ٻن ڦرن جي وچ واري وقفي، پهريون دفعو نسل ڪشي جي تاريخ، حمل بيهارڻ جي لاءِ نسل ڪشي جي تعداد وغيره جي داخلا ڪنهن به فارم تي جانورن جي حمل سان ٿيڻ جي باري ۾ صحيح اندازو لڳائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو ۽ انهي داخلا کي پيشِ نظر رکي اهڙا فيصلا ڪري سگهجن ٿا جيڪي جانورن جي حمل سان ٿيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. جنهن سان پيداوار ۽ آمدني ۾ منافعو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو.






منافع بخش ڊيري فارمنگ جي لاءِ تمام ڪمن جي ريڪارڊ ڪيپنگ انتهائي ضروري آهي

## نسل وڌائڻ جي ڪمن جو ريڪارڊ

| سڃاڻپ نمبر يا نالو | وهر جي سڃاڻپ جي تاريخ | نسل ڪشي | | | ٻيهر وهر ۾ اچڻ جي تاريخ | ڏکي ڄڻ جي سڃاڻپ | | | ڦر جي تاريخ پيدائش | ڦر نر يا مادي | ڏکپڻ جون پيچيدگيون |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | تاريخ | هٿرادو | قدرتي | | تاريخ | ڏکي | ٻاڪڙي يا ڦنڌي | | | |
| مينهن | | | | | | | | | | | |
| ڳئون | | | | | | | | | | | |

# جانورن ۾ ڏکپڻ جي دوران پيچيدگيون

## آس يا پيچو ڪيڻ

آس جانورن جي هڪ اهم ڏکپڻ جي پيچيدگي آهي . هي عام طور تي ڳئون جي نسبت مينهن ۾ ملي ٿي . انهي بيماري جي حملي جو امڪان حمل جي آخري عرصي ۾ يا ڦرجي پيدائش جي فورن بعد گهڻو ٿئي ٿو. غيرمتوازن خوراڪ، نمڪيات جي گهٽتائي، هارمونز جو توازن برابر نہ هجڻ، جسماني بناوت، موروثي ۽ جانورن جي جي رهائش جو غير مناسب انتظام آس نڪرڻ جا اهم سبب آهن . بروقت ۽ موثر علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ جانور هميشہ جي لاءِ سنڍ جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو ڊيري فارمر جي لاءِ هڪ وڏي معاشي نقصان جو سبب ٿي سگهي ٿو

## ظابطي لاءِ اهم مشورا

- جانورن کي هميشہ متوازن خوراڪ ڏيو ۽ رهائش جي بنيادي اصولن کي مدنظر رکو
- جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ انهي بيماري ۾ مبتلا جانورن کي وڪرو ڪري ان جي جڳهہ تي سٺي نسل جو جانور خريد ڪريو ڇو تہ انهي بيماري جو اڳتي واري نسل ۾ منتقل ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ هوندا آهن
- متاثر جانور کي گهڻو ٻهہ ڪارائڻ کان پرهيز ڪريو ۽ انهي کي بيٺل گندي پاڻي جي تلاءَ ۾ نہ وڃڻ ڏيو
- متاثر جانور جي ٻيهڻ جي جڳهہ اهڙي طرح ٺاهيو تہ جانور جو اڳيون حصو پوئين حصي جي نسبت هيٺائون هجي
- متاثر جانور يا انهي بيماري جي شڪ واري جانور کي ڇڪي چاري چڙيو



- بيماري ۾ مبتلا جانور جي متاثر حصي کي پڪين ۽ ٻين جانورن کان بچايو
- آس کي صاف ۽ پسيل ڪپڙي سان ڍڪي رکو ۽ گندگي کان بچايو
- نا تجربيڪار ڊاڪٽرن کان آس جو علاج نہ ڪرايو پر جلدي ۾ پنهنجي قريبي ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو




## ڇر جو نہ نڪرڻ

بروقت ڇر جو نہ نڪرڻ جانورن جي هڪ اهڙي ڏکپڻ جي پيچيدگي آهي جيڪو نہ صرف پيداواري صلاحيت کي متاثر ڪري ٿي پر علاج ۾ غفلت جي ڪري جانور سنڍ جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو. عام طور تي جانور ڦرجي پيدائش جي 6 کان 8 ڪلاڪن جي اندر ڇر مڪمل طور تي ڪرائي ڇڏڻ گهرجي اگر انهي عرصي ۾ ڇر نہ نڪري تہ انهي جو بروقت علاج ڪرائڻ گهرجي . علاج نہ ڪرائڻ جي صورت ۾ 24 ڪلاڪن جي بعد ڇر ۾ ساڙ جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو جنهن مان پيدا ٿيندڙ زهريلي مادو رت ۾ شامل ٿي جانور ۾ بخار ۽ کير جي گهٽتائي جو سبب بڻجن ٿا .



اسان وٽ اڪثر ڊيري فارمر ڦر جي پيدائش کان پوءِ ڄر نڪرڻ تائين جانور جي کير جي ڏوهائي نٿا ڪن جيڪو ڄر نہ نڪرڻ جي هڪ اهم وجهہ آهي ٻين سببن ۾ غير متوازن خوراڪ، نمڪيات جي گهٽتائي، هارمونز جو توازن برابر نہ هجڻ، وقت کان پهريائين ڦر جي پيدائش ۽ ٻيون ڊڪپڻ جون بيماريون قابلِ ذڪر آهن .

## ظابطي لاءِ اهم مشورا

- ڦر جي پيدائش جي فورن بعد جانور جو کير ڏوهي ڇڏيو ڇو تہ اهو عمل جانورن جي جلد ڄر ڪرائڻ ۾ فائديمند آهي
- جانور کي هميشہ متوازن خوراڪ ڏيو ۽ نمڪياتي آميزي جو استعمال ضرور ڪرايو
- ڦر جي پيدائش جي 6 کان 8 ڪلاڪن تائين ڄر نڪرڻ جو انتظار ڪريو
- ڄر نہ نڪرڻ جي صورت ۾ پنهنجي ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو

## جانور جو بار بار وهڻ ۾ اچڻ

جانور جو بار بار وهر ۾ اچڻ هڪ اهم ڊڪپڻ جو مسئلو آهي . انهي بيماري ۾ متاثر جانور وهر جي علامت تہ باقائدگي سان ظاهر ڪندو آهي مگر نسل ڪشي ڪرائڻ کان پوءِ بہ ڍڪو نہ ٿي سگهندو آهي جيڪو ڊيري فارمر جي لاءِ هڪ اضافي نقصان جو سبب بڻجي ٿو جانور جو بار بار وهر ۾ اچڻ جا گهڻائي سبب آهن پر جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون:





- متوازن خوراڪ ۽ نمڪيات جي گهٽتائي
- وهر جي سڃاڻپ کان پوءِ بہ غلط وقت تي نسل ڪشي ڪرڻ
- شديد موسمي اثرات
- غير معياري يا مئل سيمين (ٻج) جو استعمال ڪرڻ
- ناتجربيڪار ٽيڪنيشن کان هٿرادو نسل ڪشي ڪرائڻ
- مختلف جراثيمي بيمارين جا خراب اثرن جي علاوه کير لاهڻ وارن ٽڪن جو استعمال ڪرڻ
- ڊڪپڻ جي مرضن جون پيچيدگيون جيئن رحم جي سوڄ يا پس جو ٿي وڃڻ

یہ بات بھی ذہن نشین کرلینی چاہیے کے جانور کا بار بار پھر جانا ایک سے زیادہ وجوہات کی بنا پر بھی ہوسکتا ہے لہٰذا درست تشخیص اور مؤثر علاج کے لئے ماہر ویٹرنری ڈاکٹر سے رجوع کرنا نہایت ضروری ہے

## ظابطي لاءِ اهم مشورا

- جانورن کي متوازن خوراڪ ۽ نمڪياتي آميزي جو استعمال ضرور ڪرايو
- افزائش نسل جي ڪمن جو ريڪارڊ رکڻ سان جانور جو بار بار وهر ۾ اچڻ جي مخصوص سببن کي ڄاڻڻ ۾ مدد ملي ٿي
- ماهر ٽيڪنيشن جي مدد سان جانور جي نسل ڪشي موزون وقت تي ڪرايو
- متعلقہ ذريعن کان معياري سيمين (ٻج) جو انتخاب ڪريو
- ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر جي مشوري کان سواءِ رحم ۾ دوائن جي غير ضروري استعمال کان پرهيز ڪريو

## نسلي واڌاري ۾ خورراڪ جي اهميت

نفع بخش ڊيري فارمنگ جو دارومدار جانورن جي بهتر پيداوار ۽ نسل وڌائڻ جي ڪمن تي مڪمل مهارت تي آهي. انهن ڪمن جا گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ متوازن خوراڪ جي بغير ناممڪن آهي. اسان وٽ نسل وڌائڻ جي مسئلن ۾ دير سان بلوغت ۾ اچڻ، وهر جي علامتن جو ظاهر نہ ٿيڻ، بار بار وهر ۾ اچڻ، ڦر جي پيدائش کانپوءِ جانور جو جلدي وهر ۾ نہ اچڻ ۽ ڪمزور ڦرن جي پيدا ٿيڻ جي بنيادي وجهہ متوازن خوراڪ جي گهٽتائي آهي ڇو تہ جانورن جي غذائي ضرورتون انهن جي وزن، عمر ۽ پيداوار جي لحاظ کان مختلف هونديون آهن انهي ڪري فائديمند ڊيري فارمنگ جي لاءِ جانورن جون غذائي ضرورتون سمجهڻ تمام ضروري آهن.

نسلي واڌاري جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ خوراڪ جي مختلف جزن ۾ خاص طور تي توانائي ۽ نمڪيات جي ضرورت هوندي آهي. هي ضرورت صرف سائي گاهہ سان پوري نٿي ڪري سگهجي پر انهي سان گڏوگڏ جانورن کي ونڊو ۽ نمڪياتي آميزو ڏيڻ بہ انتهائي ضروري آهي.

بهتر نسلي واڌاري جي لاءِ جانورن کي پيٽ ڀري سائي گاهہ سان
گڏ ونڊو ۽ نمڪياتي آميزي جو استعمال ضرور ڪرايو

### جانورن جي روزانہ جي خوراڪ

| خوراڪ | ٻاڪڙي يا ڦندي ڳئون( مينهن (ڪلوگرام) | کير ڏيندڙ ڳئون( مينهن (ڪلوگرام) | ٽياڻ ۽ وهڙيون (ڪلوگرام) | ڦر (ڪلوگرام) |
|---|---|---|---|---|
| سائوگاهہ (سائلج | 40 کان 50 | 40 کان 50 | 25 | 10 |
| ونڊو | 0 | ہر ڪلوگرام کير جي لاءِ هڪ ڪلو ونڊو | 1 | 1 |






## غير منافع بخش جانورن جي نيڪالي

منافع ڊيري فارمنگ جو دارومدار کير جي پيداوار تي آهي جيڪو صرف انهي وقت ممڪن آهي جڏهن واڙي ۾ موجود گهڻا جانور کير ڏيڻ جي صلاحيت رکندا هجن. غير منافع بخش جانورن جي نيڪالي ڊيري فارمرز کي معاشي نقصان کان بچائي سگهي ٿي. هيٺ ڏنل سببن جي بنياد تي جانورن جي نيڪالي ڪرڻ گهرجي:

- گهٽ وهر ۾ اچڻ وارا جانور

- ٿڻن جي مرض ۾ مبتلا جانور
- دائمي بيمارين ۾ مبتلا جانور جيئن ٽي . بي
- ظاهري نقصن وارا جانور
- انتهائي گهٽ پيداواري صلاحيت جا حامل جانور
- وڏي عمر وارا جانور
- موروثي نقص جيئن آس ڪيڏڻ وارا جانور






## افزائش نسل جو خلاصو

